آهن جيڪي حالات پٽاندڙ هندو قوم کي پنهنجي زندگي ويدن مطابق هلائڻ ۾ مددگار ٿيندي‍ون آهن. اهي ڪل 80 آهن. تن مان مکيہ آهن. دڪش، سنورت، منُو، ياگيہ ولڪيہ وشنو، گوتم، يم، انگرا، وششٽ، شاناٽپ، پاراسر، شنک، لکت، ماريت، شُڪر، اُپستنب، ورهسپت، وياس، ڪاتياين، ديول، نارد وغيره. انهن ۾ ورڻ آشرم ڌرم (عمر ۽ ذات مطابق ڌرم) جي لحاظ کان ڪايا (جسم)، مَن ۽ واڻي (زبان) جا حقوق ۽ فرائض ٻڌايل آهن. ويد ۽ سمرتين جي علم کي ڪليُگ وارن جي آساني لاءِ، اٽڪل پنج هزار سال اڳ رشي ويد وياس پُراڻن ۽ اُپ پُراڻن (ڪتابن) جي صورت ۾ ڪٿائن جي مدد سان ڻاهي پيش ڪيا آهن. پُراڻ 18 آهن تہ اُپ پراڻ بہ 18 آهن. پُراڻن جا نالا هي آهن.برهم پراڻ ، پدم پُراڻ، وئشنو پُراڻ، شِو پُراڻ، شريمد ڀاڳوت پُراڻ، نارد پُراڻ ، مارڪنڊيہ پُراڻ، اگني پُراڻ، ڀَوشيہ پُراڻ، برهم وئورت پُراڻ، لنگهہ پُراڻ، واراهہ پُراڻ، اسڪند پُراڻ، وامن پُراڻ، ڪُورم پُراڻ، متسيہ پُراڻ، گرڙ پُراڻ ۽ برهمانڊ پُراڻ. اُپ پُراڻ جا نالا آهن: آدي، وايو، نرشنگهہ، شودرم، درواسا، ڪپل، نارد، نندڪيشوَ، سوڪراس، ورن، سامو، مهيشوَر، پدم، اديوَ، ريج، ڪلنڪي، پاراسر ۽ پاشڪر. اَگيما مختلف پنٿن (فرقن) جا مختلف اصول آهن. اُنهن مان مکيہ هي آهن: اُتر سمپردايہ ۽ ڏکڻ سمپردايہ. هندن جي ڌرم شاسترن جو ڪوبہ تفصيل رامايڻ ۽ مهاڀارت جي حوالي کان سواءِ نامڪمل آهي. حالانڪ انهن ڪتابن ۾ شري رامچندر ۽ ڪورو خاندان جون ڪٿائون آهن، پر تنهن هوندي بہ انهن کي هندو ڌرم جي تهذيب و تمدن (سڀيتا ۽ سنسڪرتي) جي وشوَ ڪوش Encyclopedia ڪوٺي سگهجي ٿو. انهن ٻنهي ڪتابن هندو ڌرم ۾ هزارين سالن کان نئون روح ڦوڪيو آهي ۽ مستقبل ۾ پڻ ائين ٿيندو رهندو. انهن ڪتابن کي هندو اتهاس History جو درجو مليل آهي، ڇاڪاڻ تہ هندو قوم جي تمدن جي موجوده صورت انهن ٻن خاندانن ڻاهي آهي. اهي ڪتاب پڻ ويد وديا جو ڀنڊار آهن. ٻيا آهن درشن، جيڪي ويدن ۾ ڄاڻايل علم کي مختلف متن (فرقن) جي فلسفي جو احوال ٻڌائين ٿا، اهي ڪل ڇهہ آهن، جيڪي اڄ تائين بيمثال ۽ مقبول رهيا آهن.

ظاهر ٿيڻ) ٿين ٿا. ۽ نوان نوان ڌرم شاستر (مذهبي ڪتاب) ۽ گرنٿ ٺاهيا وڃن ٿا. انهي ڪري ودوانن (عالمن) هندو ڌرم کي ٻن حصن ۾ ورهايو آهي. (1) سامانيہ يا ساڌارڻ (General/Universal) جيڪو اٽل رهي ٿو ۽ (2) وشيش (Personal) جيڪو وقت، حالتن ۽ علائقي مطابق ردوبدل ٿيندو رهندو آهي. پر بنيادي اصول ساڳيو رهندو آهي. هندو ڌرم جي وڏائي جو ثبوت اِهو آهي جو هن جو دارومدار ستيہ (سچائي Truth) تي ٻڌل آهي. جنهن جي صداقت کي ڪوبہ شخص ڪنهن بہ وقت روحاني ڪسوٽي تي آزمائي ۽ پرکي سگهي ٿو.

چار ويد شٽ شاستر ۾ ٻات لِکي هين دوءِ
سُک ديني سُک هوت هي ، دُک ديني دُک هوءِ
گرنٿ ، پنٿ سب جڳت کي ، بات بتاوت تين
رام هرديہ ، من ۾ ديا ، تن سيوا ۾ لِين

## هندو ڌرم جا بنيادي ڌرم شاستر

بنيادي طور هندو ڌرم جا ڌرمي ڪتاب (شاستر) آهن. ويد- ويد جي لغوي معنيٰ آهي ڄاڻ. گيان (علم) يا سياڻپ (Knowledge of Wisdom). ويد کي شُروتي بہ ڪوٺبو آهي. جنهن جي معنيٰ آهي انُڀيو (مشاهدو) ٿيل. انهن کان علاوه باقي سڀ ڪتاب "سِمرتيون" ڪوٺجن ٿا. لفظ سِمرتي جي معنيٰ آهي ياد ٿيل. شُروتي معنيٰ آتمڪ روشني جو اندر ۾ انُڀيو يا دويہ آواز ٻُڌڻ. شروتي جو انڀيو يا آزمودو Revelation دور قديم جي رشين کي سخت تپشيا ۽ ڌيان Austerity meditation and concentration ذريعي ٿيو. تنهن ڪري شُروتي سڀ کان وڌيڪ اُتم (بهتر) گيان آهي. سِمرتيون ٻئي نمبر جا ڌرم شاستر آهن. جن جو ذريعو يا آڌار شروتي (ويد) ئي آهي. سمرتين ۾ ويدن جي علم کي تفصيل سان کولي سمجهايو ويو آهي. ستيہ يعني سچ جا اصول انادي يعني ابدي Beginingless آهن. تن کي جيئن ماضي ۾ حاصل ڪيو ويو آهي، تيئن مستقبل ۾ پڻ حاصل ٿيندا رهندا. ويد اهڙو سمنڊ آهي جنهن ۾ سچ جا موتي اڻِڳڻيا پيا آهن. وقت بوقت ڪو سنت مهاتما هن ۾ ٽٻي هڻي، ڪي موتي آڻي دنيا جي اڳيان پيش ڪندو رهيو آهي. جيئن نيوٽن ڪشش ثقل جو ٺاهيندڙ ناهي، پر هڪ کوجيندڙ آهي، تيئن ويدن جو بہ ايجاد ڪندڙ ڪو شخص ڪونهي، پر اهي پرم ايشور جو آواز آهن. ويد چار آهن: (1) رِگ ويد، (2) يجُر ويد (3) سام ويد ۽ (4) اٿروَ ويد. رِگ ويد دنيا ۾ سڀني کان قديم شاستر (ڪتاب) مڃيل آهي. رِگ ويد ۾ گيت آهن، جن مان گهڻا پرارٿنا يعني بندگي وارا آهن. يجُر ويد ۾ تپشيا Austerity جا طريقا ۽ يگيہ ڪرڻ جا طريقا بيان ڪيل آهن. سام ويد ۾ رِگ ويد جي پرارٿنائن کي موسيقي جو رنگ ڏنل آهي، جن کي تپشيا ۽ يگين ۽ پوڄا جي مقرر وقتن تي ڳائبو آهي. اٿر ويد جيڪو سڀ کان بعد ۾ ٺاهيو ويو آهي، تنهن ۾ سماجي، دنيوي اخلاق ۽ سائنس جا اصول بيان ٿيل آهن. اِهي ويد سنسڪرت زبان ۾ لکيل آهن.

هرهڪ ويد جا بہ ڀاڱا آهن (1) منتر ڀاڱ (2) برهمڻ ڀاڱ منتر ڀاڱ کي "سمهِيتا" ڪوٺبو آهي. برهمڻ ڀاڱ کي وري ٻن حصن ۾ ورهايل آهي (1) آرَڻيڪا ۽ (2) اُپنيشد. برهمڻ ڀاڱ ۾ تپشيا ۽ يگين جا طريقا ٻڌايل آهن. آرَڻيڪ ۾ ڌيان ۽ تپشيا جا اصول ڏنل آهن، ۽ اُپنيشدن ۾ ويدن جي زماني جي سنت مهاتمائن جا بي بها ويچار ۽ فلسفا ڏنل آهن، جيڪي انسانيت لاءِ هڪ اڻ ملهہ خزانو آهن. جرمني جي هڪ عالم اِسڪوپينهر مطابق "اُپنيشدن جهڙو وسيع، بنيادي ۽ پار پهچائيندڙ ڪو ٻيو مطالعو ڪونهي. اهي منهنجي زندگي لاءِ هڪ آٿت (سهارو) آهن ۽ منهنجي موت لاءِ بہ آٿت ٿيندا. سناتن ڌرم جي وديا (تعليم) جا 18 پرستان (ذريعا) آهن، جهڙوڪ: 4 ويد، 4 اُپ ويد، ويدن جا 6 انگ، پُراڻ، نيايہ، ميمانسا ۽ ڌرم شاستر. اُپ ويد آهن. (1) آيُر ويد جنهن ۾ بيماريون ۽ انهن جو علاج ڏنل آهي، (2) ڌَنُر ويد جنهن ۾ لڙائي ۽ هٿيارن جو هنر ڇيل آهي، (3) گنڌروَ ويد جنهن ۾ موسيقي بيان ڪيل آهي. (4) ارٿ ويد

# سناتن ڌرم

هندن جي مذهب جو حقيقي نالو ”سناتن ڌرم“ آهي. سناتن ڌرم جي لفظي معنيٰ آهي اهو ڌرم جيڪو ابدي ۽ ازلي Eternal هجي، يعني هميشه قائم رهندڙ اصولن جي بنياد تي ٻڌل هجي. ڌرم سنسڪرت لفظ ”ڌر“ (معنيٰ جهلي بيهڻ) مان نڪتل آهي. تنهنڪري ڌرم جي معنيٰ آهي اهو جيڪو هن زندگي ۽ بعد ۾، سهارو ڏئي.سناتن ڌرم کي هن وقت هندو ڌرم به ڪونجي ٿو. لفظ هندو سنڌو مان نڪتل آهي. قديم زماني ۾ اولهه هندستان ۾ ست درياءَ وهندا هئا. درياءَ کي سنسڪرت ۾ سنڌو چئبو آهي. تنهن ڪري هن علائقي کي ”سَپت سنڌو“ چوندا هئا ۽ سندس باشندا سنڌو ڪوٺبا هئا. آريه جيڪي ايران مان لاڏاڻو ڪري هن علائقي ۾ اچي آباد ٿيا ۽ لفظ ”س“ کي ”ه“ ڪري اُچاريندا هئا. سي بجاءِ سنڌو جي هندو سڏجڻ لڳا. اُنهن آرين، ويدن جي اصولن تي پنهنجي زندگي جو بنياد رکيو. تنهن ڪري هندو ڌرم کي ”ويدڪ ڌرم“ به چئبو آهي. سناتن ڌرم انسانن کي هِن دنيا جي باغ ۾ مختلف خوشبوءَ ۽ رنگن جي گلن جي روپ ۾ رهڻ سيکاري ٿو. هي انسان ذات جي وچ ۾ ڀائيچاري، پريم، يڪجهتي، صداقت، پاڪيزگي ۽ آزاد فڪر جو سبق سيکاري ٿو. سناتن ڌرم، سَروَ شڪتيوان، سرو وياپڪ (هر جاءِ حاضر ناظر)، سروگيه (ڄاڻٺهار)، اوناشي، (لافاني)، ۽ صرف هڪ ايشور کي حاصل ڪرڻ جي سکيا، مختلف ذريعن رستي جهڙوڪ گيان مارگ، ڀڳتي مارگ ۽ ڪرم مارگ Paths of knowledge (Devotion & Action) ذريعي، هر انسان جي ٻُڌي (Intellect) مطابق سيکاري ٿو. هر انسان کي پنهنجي آتمڪ شڪتي (روحاني قوت) وڌائي اُنهي آخري منزل پرماتما کي پائڻ لاءِ ڪوشش ڪرڻ گهرجي، جيئن جنم مرڻ جي ڏکن کان مڪتي (نجات) حاصل ٿئي. اِهوئي پرم آنند (وڏو سڪون) آهي، جيڪو هرجيوَ (ساهه وارو) چاهي ٿو. زندگي جو مُول مقصد خاص چئن شين کي حاصل ڪرڻ آهي. (1) ڌرم، (2) ارٿ، ڌن، دولت، (3) ڪام = دنيوي خوشيون ۽ (4) موڪش = نجات. انهن کي پرم پُرشارٿ ڪوٺيو وڃي ٿو. اِهو چوڻ به وڌاءُ نه ٿيندو ته هندو ڌرم جي اٿاهه سمنڊ کي هن ريت ايشياواسيه اُپنشِد جي هڪ شلوڪ روپ ڪوزي ۾ بيان ڪيوويو آهي.

اِيشا واسَيه مِدَمَ سَروَ يَتَڪِم چَه جَڳتيامِ جَڳت تين تيَڪتين ڀُونجيتَا مسَا گِرڌهه ڪَسيه سِوَ ڌَنَمَ

ارٿ:هي سڄو جڳت ايشور سان وياپت آهي. انهيءَ کي تياڳ ڀاوَ سان ڀوڳ، ٻئي جي ملڪيت کي هضم ڪرڻ جو مت سوچ.

## هندو ڌرم جا پرچارڪ

هن ڌرم جو بنياد ڪنهن هڪ شخص ڪونه وڌو آهي، بلڪ بيشمار رِشي مُنين، سنتن، ڀڳتن، يوگين ۽ مهاتمائن جي آتمَڪ انوڀوَ (روحاني تجربن جي ڪوچ Spiritual Experiences) ۽ ان جي پرک تي رچيل آهي. جيڪي اُنهن جي اندر ۾ دويه شڪتي روشناس ڪري پڌرا ڪيا هئا. اهڙن مهاتمائن (روحاني بزرگن) لڳاتار ۽ ڪنن آتمڪ ابياس ذريعي هن ڌرم جي اصولن کي هٿ ڪري، عام انسان جي بهتري لاءِ، انهن جو پرچار ڪيو. اهڙن مهاتمائن جو آزمودو ۽ ابياس اسان کي اِتهاس (تاريخ) جي صورت ۾ ورثي ۾ مليو آهي. جنهن ۾ هن ڌرم جي اصولن کي روحاني تجربيگاهه ۾ پرکي انهن جي صداقت جو بي بها ثبوت فراهم ٿيل آهي. سائنس جي اصولن وانگر هندو ڌرم جي نظرين جي صداقت کي اڄ پڻ روحاني تجربيگاهه ۾ آزمائي ۽ پرکي سگهجي ٿو. انهي هوندي به هندو ڌرم ايتروئي بشارتي (Revealed) آهي جيترا ٻيا مذهب آهن. بلڪ هڪ قدم اڳتي وڌائي هندو ڌرم پڌرائي ڪري ٿو ته هن ڌرم جا نظريا لڳاتار ظاهر ٿيندڙ آهن. تنهن ڪري صرف هڪ شخص جو آزمودو يا صرف هڪ آزمودو حرف آخر ڪونهي. انهي ڪري ئي وقت بوقت اوتار (پرماتما جو

وري پيئي پاڻ کي چئي، "منهنجو رام، پيارو رام، هان! منو رام اچي پيو!" شبري! بير، گل، ڦل، اگڻ ۾ رکي ٿي ۽ تلاءَ ڏي ڊوڙي وڃي ٿي پاڻي آڻڻ واسطي! "تلاءَ جي جل سان مان شري رام جا پير ڌوئيندس!"، شبري ائين پاڻ کي وَر وَر چوي ٿي.

انهيءَ تلاءَ ۾ رشي روز اِشنان ڪن ٿا. تلاءَ ڏي جيئن ڊوڙندي پيئي وڃي، تيئن ڪيس پنهنجي سرير جي به سڌ نه ٿي پوي. رستي تي هڪ رشي آهه: اُهو به پيو تلاءَ ڏي وڃي اِشنان ڪرڻ واسطي. شبري ته آهه رام جي ڌيان ۾. خبر ئي نه ٿي پويس ته ڪو رشي لنگهي ٿو. رشي وڃي ٿو شبريءَ سان لڳي! توبهه! رشي ڪاوڙ ۾ پرجي وڃي ٿو ۽ شبريءَ تي خوب ڪاوڙ چندبي ٿو. "اِءِ اَڇوت اِستري! تون ڄاڻي واڻي منهنجو نرادر ڪرين ٿي ۽ مون کي ڇهي اَپوتر ڪرين ٿي! اِءِ دشٽ ناري! دوُر ٿي!"

شبري ته شري رام جي ڌيان ۾ آهه، شري رام جي احسان ۾ آهه. شبري پنهنجي رام ۾ مگهن آهه. لڪي ڪنهن هئي ڪي ڏسي ٿي، نڪي ٻڌي ٿي! هن رشيءَ جا اکر ته هوا ۾ اُڏامي وڃن ٿا. شبري ٻڌي نه ٿي. ڊوڙندي پيئي وڃي تلاءَ ڏي! رشي به ساڳئي تلاءَ ڏي موٽي وڃي ٿو ته هن اَڇوت اِستريءَ مون کي اَپوتر ڪيو، وڃي ٻيو دفعو اِشنان ڪريان!

شبري جي پٺيان رشي اچي پيو. شبري تلاءَ مان پاڻي ڪڍي ٿي. هينئر رشي به اَچي پهتو آهه. ۽ ٻيو دفعو اِشنان ڪرڻ لاءِ تلاءَ اَندر وڃي ٿو! هي ڇا؟ تلاءَ جي پاڻيءَ جو رنگ بدلجي وڃي ٿو ۽ تلاءَ ۾ ڪينئان، ڪينئان، ڏسڻ ۾ اَچن ٿا! ته به هي رشي نه ٿو سمجهي ته اُن جو ڪارڻ ڪهڙو؟ جو پريوءَ جي ڀڳتن جو نرادر ڪري ٿو، اُن جو ئي قدرت وٽ نرادر ٿئي ٿو! قدرت ته قادر جي آهه!

شبري ته تلاءَ مان اڳيئي سنو پاڻي ڪنيو آهه. اهو ڪڻي پنهنجي جهوپڙيءَ ڏي هلي ٿي ته رستي تي سندس پٺيان پري پري کان، شري رام پڇائيندو پيو اَچي، "منهنجي شبري ڪٿي آهه؟ شبريءَ جي جهوپڙي ڪٿي آهه؟" آواز ٻڌي، رشي مُني ۽ راجا گڏ گڏ ٿين ٿا. هي ته شري رام جو آواز آهه! پر شري رام جا اَکر ٻڌي ڪين عجب لڳي ٿو. "هيءَ شبريءَ وري ڪير آهه؟ اسان جا آشرم ۽ آستان سڀ ڇڏي، شري رام شبريءَ جي جهوپڙي ٿو ڳولي!" هنن رشين ۽ منين راجائن ۾ آهه اَيمان! جت اَيمان آهه اُت ڪيئن اچي اَحسان؟ شبري آهه دين مسڪين، تنهنڪري ئي پائي ٿي شري رام چرنن جي ريت!

هينئر شري رام لڇمڻ سان گڏ اَچي شبريءَ جي جهوپڙيءَ کي پهتو آهه.

شبري ڏسي ته مون گهر شري رام آيو آهي:

مُني متنگ جي وچنن جو سمرن ٿي پائي!
ٻاهون وڏيون ۽ ڪمل نين، شري رام جا نهاري،
وار وڏا بن مالا ڏسي، ٿي سڪ ۾ سنپاري!
لڇمڻ اَڇو رنگ، شري رام ته آهي ڪارو،
گڏ گڏ ٿئي ٿي شبري ڏسي پنهنجو پيارو!
پريم مگهن ٿي ٻيو سڀ ٿي وساري،
نوُري نماڻي ڪمل چرن پيئي نهاري!
ڪين خوشيءَ ۾ ٿي شبري ماپي، آنند اَتس اَپار،
پريم ۾ پاگل، وره وياڪل، آهه مليو ڪيس پران آڌار!

ڏاڍي موج ۾ آهي، مستان ٿي وڻي تاڙيون وڄائي، ڪيس ڏسي وينو لڇمڻ مشڪي، اُن کي هاڻ ٿي شبري چتائي! تڏهن لڇمڻ ڪيس ٿو چوي، "ڏس شبري! پاگل ٿي تون ڇو ٿي نهارين؟ شري رام بيٺو آهه تنهنجي در تي، اُن کي اَندر ڇو نه ٿي وِهارين؟" تڏهن ٻڌي هئي هٿڙا اَدب جا، رام لڇمڻ جو ڪري ستڪار:
ڏاڍي نئڙت ۾ ۽ قرب سچي ۾، ڪري نوُري ماڻي ٿي نمسڪار!

شري رام ۽ لڇمڻ ٻنهي کي پرڻام ڪري پيار سان سُندر آسن تي وهاري ٿي. تڏهن شري رام شبريءَ کي نهاري ڪانئس پڇي ٿو:

شبري سڀاڳي! ساڌن جي سڀ وگهنن تي ته پاتي اَٽيئَي سوپ، تپشيا تنهنجي ته آهه تڪِي، ڪپيو آهه تو ڪام ۽

رشي متنگ، اِهي اَکر ٻڌي ڏاڍو پرسن ٿئي ٿو ۽ پنهنجي ششن کي چوي ٿو، هيءَ ڀيلڻي ڀاڳ واري آهه. هن کي آشرم جي ٻاهرين جهوپڙيءَ ۾ رهڻ ڏيو ۽ سندس واسطي کاڌي پيتي جو پورو بندوبست ڪريو!"

شبري هٿ ٻڌي وينتي ڪري ٿي، "سائين! مان نه کند، مول، ڦل تي گذران ڪريان ٿي. اوهان جو اَن پل مون کي ملي ته کائي اوهان جي ڪريا وٺان. سنسار سان مون کي پريت ڪانهي. فقط مون کي آسيس ڏيو ته مون کي مکتي ملي!" مُني متنگ شبريءَ کي چوي ٿو، "بنا ڊپ تون هت رهه! ۽ ڀڳوان جي نام جو جپ ڪندي رهه!"

شبري آشرم جي نزديڪ جهوپڙيءَ ۾ رهي ٿي ۽ ڏاڍو خوش پيئي ٿئي. پر ٻيا ڪيترا رشي آهن، جن کي اِها ڳالهه نه ٿي وڻي. اِهي رشي اَچي مُني متنگ کي چون ٿا، اوهان هن نيچ ڪل جي مائي، ڀيلڻي شبريءَ کي آشرم جي پرسان رهڻ ڏنو آهه. تنهن ڪري اسين اوهان جو پوڄن ڪين ورتائينداسين. نڪي اوهان سان ڳالهه ٻولهه جو وهنوار رکنداسين!"

مني متنگ اُنهن رشين جي چوڻ جو ڪوبه خيال نه ٿو ڪري. هو شبريءَ کي نيچ ڀيلڻي ڪري نه ٿو سمجهي، پر هڪ سچي ڀڳتياڻي، جنهن جي دل ۾ رام رمي. سا ڪُل کهڙي جي به هجي، پر پرم شرڌا ۽ عزت جي لائق آهه!

هڪ ڏينهن مني متنگ چوي ٿو: "بس! وقت منهنجو پورو ٿيو آهه. هينئر ديهي ڇڏڻ جو ويچار اٿم!" مني متنگ جي سڀن ششن کي ڏاڍو دک ٿئي ٿو. شبري به رشي متنگ جي ششياڻي آهه. شبريءَ کي ڪيڏو نه شوڪ ٿئي ٿو! شبري چوي ٿي، "گرديو! اوهين اَڪيلا نه وڃو! گرديو جي ڌام ۾ شش کي به وٺي ڪيو. اوهان جي داسي اوهان سان وڃڻ لاءِ تيار آهي!"

مني متنگ شبريءَ جي ڏينتا، سرلتا، سچائي ۽ شرڌا ڏسي، اُمنگ ۾ ڀرجي ڪيس آسيس ڏئي ٿو ۽ چويس ٿو، "شبريَ تون سڀاڳي آهين! دلگيري ڇڏ، دک دور ڪر! شري رام هن وقت چترڪوٽ ۾ آهه. هت ضرور ايندو. هن تپوبن ۾ شري رام پنهنجا پيرا گهمائيندو! هنن اکين سان تون ساکيات شري رام کي ڏسندين. شري رام آهه ٻاجهه وارو ۽ ٻلوان! اُن جو درشن پائي ڪندينءَ پنهنجو ڪلياڻ! شبري! شري رام جهوپڙيءَ ۾ ايندو، پريم جا پيرا ڀري پاڻ پڌاربو! جڏهن اچي، تڏهن اُن جو چڱيءَ طرح آدر ڪج، اُن جي آسيس وٺج! تيستائين تون پل پل جهان ۾ ۽ شري رام جي نرمل نام جي جپ ۽ ڌيان ۾ ويهه! شبريءَ کي آسيس ڏيئي مُني متنگ جوت ڌام پڌاريو!

شبري هينئر شري رام نام ۾ مگهن آهه! ٻئي ڪنهن ڳالهه جي ڪيس خبر ناهه. کند، مول، ڦل تي گذران ڪري ٿي، روز روز شري رام جو ڌيان ڪري ٿي، دل جي اَندر شري رام کي ڪوٺي ٿي، "شري رام! اچ تون مون وٽ، پريم جا پيرا ڀري!" جيئن ڏينهن وڃن گذرندا، تيئن شري رام جي درشن لاءِ شبريءَ جي پياس وڃي وڌندي! وڻن کان، پٽن کان، ۽ وري رات جو تارن کان پيئي پڇي، "اَجان رام ڪيترو دور آهه؟ هت ڪڏهن ايندو؟ اچي آسيس ڪندو؟"

پرڀات جو پيئي چوي، "اَڄ شام جو شري رام اِيندو!" وري شام جو پيئي چوي، "سڀان سوير صبح جو شري رام ايندو!" جهوپڙيءَ ۾ ويٺي پڪاري، ته وري ڪڏهن جهوپڙيءَ کان ٻاهر رستي تي پيئي نهاري! وري ڪڏهن پيئي چوي، "متان منهنجي رام جي پيرن کي رستي تي ڪنڊا لڳا هجن!" انهيءَ چنتا ۾ ٻاهر نڪري، وري وري پيئي رستا صاف ڪري ڪيڏو نه پيار!

وري وري پيئي رستن تي ٻُهاري ڏئي! ۽ روز پنهنجي جهوپڙي صاف ۽ سندر رکي ٿي، متان اَڄ شري رام اَچي!" روز بن ۾ وڃي ميوا چکي ٿي ۽ جي تمام مٺا آهن سي پاڻ سان کڻي اچي ٿي، چي، "شري رام کي کارائينديس!" شبريءَ جي اَکين ۾ شري رام جي اَچڻ لاءِ ڪيڏي نه اِنتظاري آهه! اَٺئي پهر سندس من شري رام ۾ آهه رميو، رنگ ۾ سندس روح آهه رليوَ.

هڪ ڏينهن رشين جي آشرم جا ڪي ٻالڪ شبريءَ کي چون ٿا، "شبري! تنهنجو رام اَچي پيو!" شبري ٻڌي ٿي ۽ وري

# شبري سياڳي

(دادا واسواڻي)



ڊنڊڪ ٻيلو کھڙو نہ سندر تپوبن آھ! اُت رشين جا آشرم آھن. اُنھن رشين جي دولت آھ تپوڌن. تپسيا جو ڌن! اُنھن آشرمن ۾ يگيہ ٿين ٿا، ۽ منترن جا پاٺ ۽ ھوَن ۽ پوڄائون. اُنھيءَ تپوبن رھي ٿي ھڪ اِستري. نہ پتي اٿس نہ پُٽر، نہ پئسو نہ پدارٿ: پر ڪيس ڀڳتي ۽ شرڌا آھ! سندس ذات ڀيلڻي. سندس نالو شبري!

ھڪ دفعي شبريءَ کي ھڪ رشيءَ جو درشن ٿئي ٿو. درشن ڪري ڏاڍو پرسن ٿئي ٿي. ڀياس اَٿس تہ جيڪر رشين جي شيوا ۾ روز رھان! پر وري ويچار اَچيس ٿو: "منھنجو ڪُل نيچ آھ. منھنجي شيوا ڪئين قبول پوي؟" نيٺ ھيئن ڪري ٿي، رشين جي آشرمن کان ٿورو پري، پنھنجي ھڪ ننڍي جھوپڙي ٺاھي ٿي. وڻن جي ڪند مُول ڦل تي گذران ڪري ٿي. ۽ روز، جنھن رستي اِشنان ڪرڻ وڃن ٿا، اُنھيءَ رستي جي صفائي ڪري ٿي ۽ روز پرڀات جو اُنھي رستي تان ڪنڊا، پٿر، ڪٽي چڏي ٿي تہ رشين کي رستي تان لنگھڻ ۾ تڪليف نہ ٿئي.

سندس دل اَندر روز روز ڀيلس پيئي وڌي تہ "مون تي رشين جي ڪرپا ٿئي!"

رشي رستو اَھڙو صاف ڏسي عجيب ۾ پون ٿا ۽ پڇن ٿا تہ "ھي سندر ڪم روز پرڀات جو ڪير ٿو ڪري؟" نيٺ رشين جا ڪي شش رات جو جاڳن ٿا ۽ شبريءَ کي پڪڙين ٿا! رشين وٽ ڪيس وٺي وڃن ٿا ۽ چون ٿا تہ روز روز پرڀات جو ھيءَ مائي رستو صاف ڪري ٿي!

تڏھن رشي پڇن ٿا، "تون ڪير آھين جو رستو صاف ڪرين ٿي؟" شبرِي ويچاري اَچي ڏني آھ. نئڙت ۾ پرڻام ڪري چوي ٿي، "سائين! منھنجو نالو آھ شبري! مان ڀيلڻي ذات جي آھيان. مان بہ تپوبن ۾ رھان ٿي ۽ رشين منين جو درشن ڪري پاڻ کي پوتر ڪريان ٿي. ٻي ڪا شيوا مون کي نہ ٿي ملي، تنھن ڪري مان ھيءَ شيوا ڪريان ٿي، روز رستو صاف رکان ٿي. شيوا جي تہ مان لائق نہ آھيان. منھنجا اپراڌ معاف ڪجو. مون تي آسيس ڪريو!"

وڃي اِها ٻوٽي ڪٽي اَچي ٿو. شري رام لڇمڻ کي سنگهائي ٿو. لڇمڻ اُٿي ڪڙو ٿئي ٿو. شري رام خوشيءَ ۾ روئي ٿو. شري رام چوي ٿو. "هنومان! تو منهنجي ڪيڏي نہ شيوا ڪئي آهہ! هن وقت مان توکي ڇا ڏيان؟ هن وقت فقير جي پوشاڪ ۾ مان آهيان. مون کان گهر، جيڪي گهرڻو هجيئي مان توکي ڏيندس ضرور!" هنومان ڇا ٿو گهري؟ ڪنگال گهرن دنيا جو خزانو. هنومان تہ شاهوڪار آهہ. سچو شاهوڪار ڪير؟ جنهن جي دل ۾ آهي سچو خزانو. هنومان ڇا ٿو گهري؟ هنومان جي اَکين ۾ اچي ٿو پاڻي. جيئن منهنجي اکين ۾ بہ اچي ٿو پاڻي. هنومان چوي ٿو. "گرديو! مونکي ڏيو اَننيہ ڀڳتي، پُورن ڀڳتي اَڪيلي اوهان واسطي. اوهين منهنجا ڪل سوامي، سل اوُنت بئنت سووت جاڳت. منهنجي دل ۾ رهي هڪ رام ئي رام!" شل اسان مان ڪي پربوءَ در اَننيہ ڀڳتيءَ جو دان گهرڻ سکن! هي دنيا جون گهرجون ڇا آهن؟ ڪجهہ ڪين. پربوءَ جي در تي بيهي شل پڪاريون. "پربو! ڏي اَننيہ ڀڳتي، ڏي اهڙي آسيس جو ٻئي ڪنهن بہ پدارٿ واسطي دل اَندر تمنا نہ رهي!" دسهڙي جي ڏينهن جڏهن شري رام سوپ پاتي، تڏهين شري رام چوي ٿو. "هاڻي مان موٽان ٿو. سيتا جي جنم ٿي، هينئر مان پنهنجي وطن موٽان ٿو." اُن وقت شري رام اُڏند کٽولي گهرائي ٿو. اڏند کٽولي ڪي هن وقت جيڪر چئون هڪ ننڍو هوائي جهاز. اڏند کٽوليءَ ۾ شري رام چڙهي ٿو. سيتا بہ چڙهي ٿي ۽ لڇمڻ بہ چڙهي ٿو. اُن وقت هنومان جي اکين ۾ پاڻي اچي ٿو. آلين اکين سان ويٺو هنومان نهاري، ڇو پيو نهاري؟ هنومان جي اکين ۾ آهہ پياس. شانت ۾ ويٺو نهاري ۽ ڳوڙها پيو ڳاڙي. شري رام سمجهي وڃي ٿو تہ هنومان ڳوڙها ٿو ڳاڙي ڇو تہ هنومان شري رام کان جدا ٿي نٿو سگهي. جڻ تہ سانتيڪي طرح ويٺو شري رام کي چوي، "پيارا! تو ڪانسواءِ مان ڪيئن جيئان؟ سڀ ڪجهہ منهنجو تون، تون منهنجو ٺاڪر! تون منهنجو پريتم! تون منهنجو گرو! تو ڪانسواءِ مان ڪيئن جيئان؟" شري رام هنومان جي سانتيڪي ٻولي سمجهي ٿو ۽ چويس ٿو. "پيارا! تون بہ اُڏند کٽوليءَ ۾ اَچ. هل مون سان!" لڇمڻ کي شري رام اِشارو ڏئي ٿو ۽ لڇمڻ پنهنجي جڳهہ ڇڏي ٿو هنومان واسطي ۽ شري رام هنومان کي چوي ٿو. "اچي ويهہ تون هٿ منهنجي ڪڇي پاسي." هنومان سچو ڀڳت آهي ۽ ڀڳت پنهنجي ٺاڪر سان برابري ڪين ڪري. هنومان ٻئي هٿ جوڙي ٿو ۽ شري رام جي چرنن ۾ وهي ٿو. هنومان چوي ٿو. "مان سياڳو! منهنجي جاءِ تہ آهي اوهان جي ڪمل چرنن ۾." سچو ڀڳت، پورن ڀڳت، عجيب ڀڳت، ڀڳتيءَ سان ڀريل، هو هنومان! اَيوڌيا ۾ هڪ ڏينهن درٻار لڳي آهي. درٻار ۾ شري رام ويٺو آهي. سندس مٿي تي ڇٽ آهہ. رام ۽ سيتا مهاراڻيءَ جي سنمک ڪير ويٺو نهاري؟ هڪ، جو تہ هيڏانهن نہ هوڏانهن نهاري، پر وَر وَر پيو نهاري، هڪ ٽڪ، شري رام ڏانهن. ڪير؟ هنومان. سيتا مهاراڻي تخت تي ويٺي آهہ ۽ چوي ٿي، "مان جڏهن راوڻ وٽ قيد ۾ قيدياڻي هئس، تڏهن هيءُ ڀڳت هنومان پهرين پهرين مون وٽ منهنجي پياري جي خبر کڻي آيو." سيتا جي دل اَندر شڪرگذاريءَ جو ڀاو اُٿي ٿو. سيتا جي دل ڀرجي اَچي ٿي ۽ پنهنجي گلي مان موتين جي مالها لاهي هنومان کي ڏئي ٿي ۽ چويس ٿي، "آءُ هنومان! ڪر قبول هيءَ منهنجي سوکڙي." هنومان هڪ هڪ داڻو مالها جو وات ۾ چٻاڙي ٿو ۽ ٽوڪنا ڪري ڦٽو ڪري ٿو. سيتا چو يٿي، "هنومان! هيءُ ڇا ٿو ڪرين؟" هنومان چوي ٿو. "هن هار جو هڪ هڪ داڻو آهي موتيءَ جو داڻو! پر ڪٿي آهي شري رام، منهنجي روح جو راڻو؟" شل هنومان جي قرب ۽ شيوا جو آدرش اَسان مان ڪن جي دلين، اَندر چمڪي هنومان جي ڀڳتيءَ سان شل پنهنجون دليون ڀريون. شل هنومان جا اُهي اکر اوهان مان ڪن جي دلين اَندر ٽڪن.

"اِڪ اِڪ داڻو آهي موتيءَ جو داڻو:
پر ڪٿي آهي شرِي رام، منهنجي روُح جو راڻو؟"

( ورتل پُستڪ سنت مالا دادا واسواڻي )

دربدر ٿين. تن ڏينهن جي جنگ ۾ ڪي ڪتري قائدا هئا. تن مان هڪ سکيا هيءَ هئي، ”متان ڪنهن تي بم گولا ڪيرايو!“ ۽ ٻي سکيا هئي، ”اِ ڪتري! ڪنهن به اِستريءَ سان متان جنگ ڪرين! جي ضرور پوي، تلوار هلائين، ته ڏائي هٿ سان هلائج. تير ڇوڙين ته ڏائي هٿ سان“. ۽ ٽين سکيا هئي ته ”ڪتري جنگ مان نه موٽي.“ هنومان به لنڪا کي ڏڪ هڻي ٿو ڏائي هٿ سان ۽ هيءَ اِستري ترار سان هنومان جي ڪنڌ تي ڏڪ هڻي ٿي. هنومان ته شيوڪ بهادر هو، ڏڪ هڻي ٿو ڏائي هٿ سان. پر هنومان جي اَندر هڪ يقين هو ته ”جيڪو به ڪم ڪريان، سو مان نٿو ڪريان، پر شري رام ڪر يٿو!“ پيو پاڻ چوي، ”منهنجو شري رام ويو آهي ڪم تي. مان نٿو وڙهان شري رام ٿو ڏڪ هڻي!“ اِهو صدق هنومان جي اَندر هو. هن وقت به اِهو يقين اٿس ته هٿ منهنجو، پر ڏڪ منهنجي پياري رام جوَ ڏائي هٿ سان ڏڪ هڻي ٿو. پر پسي ٿو شري رام. هڪ ڏڪ سان لنڪا جو ڪنڌ ڪپي ٿو. لنڪا مري وڃي ٿي. هاڻ هنومان شهر جي اندر گهڙي ٿو. ۽ شري رام، جي جئہ جئہ پيو منائي! هن جو منتر هو ”شري رام! شري رام!“ لنڪا شهر جي اَندر اَچي چوي ٿو، ”هاڻي وڃي سيتا کي ڳوليان.“ پهرين سمجهي ٿو ته سيتا کي راوڻ رهايو هوندو ڪنهن بنگلي ۾. سو هڪ هڪ بنگلو جاچي ٿو. پر ڏسي ٿو ته سيتا ڪنهن به بنگلي ۾ ڪانهي. پوءِ چوي ٿو ”متان راوڻ سيتا کي پنهنجي زنان خاني ۾ رکيو هجي!“ سو آڌيءَ رات جو هنومان راوڻ جي محلات جي تلاش ڪرڻ وڃي ٿو. وڃي ٿو اُن ڪوٺيءَ ۾. جت راوڻ سمهيو پيو آهي. ڏسي ٿو ته سيتا ته اُتي به ڪانهي. پر راوڻ جي پرسان سندس اِستري سمهي پيئي آهي. ان جو نالو منڊودري ٻئي اونگهه ۾ پيا هئا. رات جو شراب پيتو اٿن. هنومان ڏسي ٿو ته راڳ جا اوزار رکيا آهن. شراب پي پي، دنيا جا راڳ ٻڌي، هينئر ٻئي اونگهه پيا آهن. راوڻ جهڙو راڪاس! افسوس! اهڙي طرح اسان مان به ڪيترا ائين راتيون گذارين ٿا، پوتن وانگر رهن ٿا. پر سياڳو سو جو رات جاڳي، رام نام ڪري ياد ۽ ٿورو وقت وڃي ننڊ ڪري. هنومان ٻنهي کي ڏسي کسڪي وڃي ٿو. هنومان جو ته ڪم هو سيتا سان. سيتا ڪٿي؟ تلاش ڪندي ڪندي، اَچي ٿو پهچي هڪ وڏي بن ۾. هن بن ۾ اونده آهي. پري کان هنومان ڏسي ٿو ته هڪ وڻ هيٺ سيتا ويٺي آهي. اشوڪ بن هڪ وڏو بن آهي، اُن جي نزديڪ هڪ ندي آهه جا مان ڏسي آيو آهيان. چون ٿا ته هن وقت به اُن بن ۾ شوخ جانور آهن. اَشوڪ بن ۾ سيتا هڪ وڻ هيٺ ويٺي آهي. هنومان نزديڪ اچي ٿو. ڪيس پياس آهه ته سيتا سان ڳالهه ٻولهه ڪريان. نزديڪ اچي ٿو ۽ هنومان جي اَکين ۾ پاڻي اچي ٿو. هنومان دل ۾ چوي ٿو، ”اِ سيتا! تون راجا جي ڌيءُ، محلات ۾ تون ڪيئن نه نپنينءَ؟ پر هَن وقت تون بن ۾ ويٺي آهين، اَڪيلي!“ هنومان ڏسي ٿو ته سيتا پيلي ٿي ويئي آهي. سيتا ڪهڙي نه سونهن واري! سيتا چمڪي ٿي، جيئن چمن ۾ پشپ! پر هينئر سيتا شري رام جي فرياد ۾ ٿي پيئي آهي پيلي! هنومان ڏسي ٿو ۽ هنومان جي اکين ۾ اَچي ٿو پاڻي! هنومان ٻڌي ٿو ته سيتا جي چپن تي اِڪ ئي اَکر آهه. سيتا هوشيار هئي، ڪلائون ڄاڻندي هئي. پر هن سيتا جي دل ۾ آهه هڪ اَکر. سيتا جي چپن تي هڪ اَکر جو پل پل پيئي پڪاري، ور ور پيئي اُچاري، ”شري رامَ شري رامَ“ هنومان ويجهو اچي ٿو ۽ چوي ٿو، ”شڪر! مون اُهو آستان ڳولي لڌو جت آهي سيتا، نرمل پوتر سيتا!“ پوءِ سيتا کي سموري خبرچار ڏئي ٿو. سيتا کان منڊي وٺي، واپس اَچي، شري رام کي سڀ خبر ٻڌائي ٿو.

تنهن ڪانپوءِ ڪيئن نه هنومان جنگ ۾ شري رام جي مدد ڪئي! تنهنجو ذڪر به وستار ۾ ”هنومان ناٽڪ“ پستڪ ۾ ڪيل آهي. جنگ جي ميدان ۾ لڇمڻ ڪري پيو آهي. مؤرڇا ٿي ويو آهي! راڪسش پيا چون، ”لڇمڻ مري ويو.“ شري رام چوي ٿو، ”هنومان! جيڪر هڪ ٻوٽي ڪٿي اَچين، جا بيهوشيءَ مان اُٿاري.“ هنومان چوي ٿو، ”منهنجا سوامي! ٻڌايو ته اُها ٻوٽي ڪهڙي؟ مان ڪٿي اِيندس!“ رام چوي ٿو، ”اِن ٻوٽيءَ جو نالو آهي سنجيوني ٻوٽي.“ هنومان ٽڪڙو

رام ڪيڏي نہ مدد ڪري سگھي ٿو. منھنجو وڏو ڀاءُ آهي! مان سندس ننڍو ڀاءُ آهيان. اسين ٻئي راجا دشرٿ جا پٽ آهيون. شري رام پوجيہ پتاجو سريشٺ پٽ آهہ. بهادر آهہ. ٻلوان آهہ. هن وقت تپوبن ۾ آهہ ۽ هن روُپ ۾ آهہ ڇو تہ چاهي ٿو تہ پتا جي پرتگيا پوري ڪريان. هي اوهان کي ايڏي مدد ڏيئي سگھي ٿو. جو اوهان کي تخت موٽي ملي."

هنومان اِها ڳالهہ ٻڌي خوش ٿئي ٿو ۽ چوي ٿو: "جيڪر اوهين ٻئي راجا سگريو کي گڏجو. ڪريا ڪري ٻڌايو تہ اوهان جو نالو ڪهڙو آهي؟"

لڇمڻ چوي ٿو: "منھنجو نالو آهہ لڇمڻ. شري رام ۽ مان لڇمڻ ٻئي ڀائر آهيون. اسان کي بہ اوهان جي مدد جي ضرورت آهي."

هنومان پڇي ٿو: "ڪهڙي مدد راجا سگريو ۽ مان اوهان کي ڏيئي سگھون ٿا؟"

لڇمڻ سڄي ڳالهہ ڪري ٻڌائيس ٿو تہ "سيتا هئي اَسان سان. رام ٻاهر ويو ۽ مان بہ ٻاهر ويس. سيتا اَڪيلي وينئي هئي. سيتا کي زوريءَ ڪو راڪشس پڪڙي کڻي هليو ويو! ٻهانو فقير جو ڪري آيو. راڪسش سيتا کي کڻي کڻي ويو. سو ڪو ٻڌائي. ۽ اُن راڪسش سان وڙهڻ لاءِ لشڪر بہ کپي. اِها مدد اسان کي توهان کان کپندي."

هنومان چوي ٿو. "سگريو ۽ مان شري رام جي چرنن ۾ حاضر آهيون. ٻئي مدد ڪندسين ۽ سيتا کي بچائينداسين. ٻئي مون سان هلو راجا سگريو وٽ."

هنومان اُن وقت کان وٺي پاڻ کي رام جو ڀڳت ڪري ٿو سمجھي! اُن ڏينهن کان وٺي شري رام ۽ هنومان جي پاڻ ۾ دوستي ٿئي ٿي!

شري رام ۽ لڇمڻ پوءِ راجا سگريو کي گڏجن ٿا. ٿوري وقت ۾ کين راڄ وٺي ٿا ڏين. پوءِ پھرين ڪم جو شري رام هنومان کي ڏئي ٿو سو آهہ تہ "پيارا! وڃي سيتا جي ڳولها ڪري اَچ."

ڪيڏي نہ ڀڳتي هنومان کي هئي! سچو ڀڳت پاڻ کي صدقي ڪرڻ لاءِ تيار ٿئي ٿو. هنومان شري رام کي اِئين نٿو چوي تہ "سمنڊ جي آرپار ڪيئن وڃان؟ ڪيئن وڃي سيتا کي لهان؟" هنومان چوي ٿو: "منهن جا حاڪم! جيئن اوهان جو حڪمَ ضرور مان وڃي سيتا کي لهندس!" اُنهيءَ صدق ۾، سچي وشواس ۾، هنومان وڃي ٿو سيتا جي ڳولا ۾. هنومان هو سچو شيوڪ ڀڳت ئي سچاشيوڪ ٿين ٿا. سچي شيوا اَچي ٿي ڀڳتيءَ مان، جت شنڪا آهي، جت ٿورو بہ سڪ آهي، اُت سچي شيوا نٿي ٿي سگھي.

هنومان ڀڳت، سچو شيوڪ، سيتا جي ڳولا ۾ وڃي ٿو ۽ اَچي ٿو لنڪا ۾ پهچي. لنڪا کي هڪ وڏو دروازو آهي. اُن لنڪا جي دروازي تي ڪير بيٺي آهي؟ هڪ بهادر اِستري. تن ڏينهن ۾ اِستريون بہ بهادر هيون. اِستريون بہ وڙهنديون هيون. ان استريءَ جو نالو لنڪا. تنهنڪري ملڪ تي نالو رکيائون لنڪا. اوهين بہ بهادر ٿيو، وير ٿيو ۽ رانديون ڪريو. هيءَ بهادر اِستري شهر جي در تي بيٺي آهي تہ متان ڪو ڌاريو اَچي وڃي. هنومان اچي ٿو. لنڪا پڇي ٿي، "تون ڪير آهين؟" هنومان چوي ٿو، "منھنجو نالو آهي هنومان!" هنومان بہ بهادر آهي ۽ بهادر کي دپ ٿئي ڪين. هنومان چوي ٿو، "مان آهيان شري رام جو ڀڳت."

لنڪا چوي ٿي، "هتي پري ٿيءُ. رام تہ منھنجي سردار راوڻ جو دشمن آهي. هنومان پري ٿيءُ، نہ تہ هن تلوار سان تنهنجو ڪنڌ ڪپينديس."

هنومان ڀڳت آهي، تنهنڪري سچو شيوڪ سچي شيوڪ کي ڊپ ڪونهي! هنومان چوي ٿو، "لنڪا! بيشڪ تلوار ڪول ۽ منھنجي تلوار بہ تيار آهي. منھنجو سردار آهي رام. مون کي رام جو حڪم آهي تہ مان سيتا کي ڪيئن بہ ملان تيار ٿيءُ، منھنجي تلوار بہ اٿيئي" لنڪا پنھنجي تلوار ڪولي ٿي، هنومان بہ پنھنجي تلوار ڪولي ٿو.

تن ڏينهن ۾ جوڌا پاڻ ۾ وڙهندا هئا ۽ شهر جي ٻين ماڻهن سان جنگ ڪين ٿيندي هئي. اَڄ ڪلهہ جي جنگ ۾ بم گولا ڪيرائين ۽ ويچارا ٻيا ڪيترا مري وڃن، ويچارا ڳوٺاڻا

# پڳتن جو شرومڻي هنومان



هڪ هڪ تصوير کي پنهنجو آواز آهہ، پنهنجو سنديش. هڪ تصوير منهنجي دل اندر وري آئي آهي. ڪنهنجي تصوير؟ اهو ڪير هو؟ ان جو نالو "هنومان". گھڻن کي خبر ڪانهي تہ هنومان ڪير هو؟ هنومان هڪ باندرن جي راجا جو سپهہ سالار هو. ان راجا جو نالو هو سگريو. هنومان سمجھہ وارو، سياڻو، سچيار ۽ وفادار هو. هنومان جي لشڪر ڪان سواءِ شري رام لنڪا ۾ وڃي نہ سگھي ها. شري رام کي رامائڻ ۾ هڪ نالي سان ڪوٺين ٿا: "ڪپي پريوُ". "پريو" معنيٰ "سردار": "ڪپي" معنيٰ "باندر". باندرن جو سردار شري رام! هنومان شري رام جي ڪيڏي نہ سهائتا ڪئي! هنومان کي چڱي وديا هئي.

سنسڪرت ۾ هڪ پستڪ آهي، جنهن جو نالو اهي "هنومان نانڪ". اِن پستڪ ۾ هنومان جي گڻن جو ذڪر ڪيل آهي. سڀني ۾ وڏو گڻ هنومان جو هو ڀڳتي. هنومان ڀڳت هو! شري رام واسطي ڪيس عجيب ڀڳتي هئي!

هنومان شري رام کي پهرين بن ۾ ڏسي ٿو. هنومان جو راجا سگريو بہ اُت آيو ٿو تہ سندس ڀاءُ راجا ٻالي پنهنجي ننڍي ڀاءُ سگريو کي ڪڍي ڇڏيو هو. سگريو ۽ هنومان پهرين ٻنهي ڀائرن رام ۽ لڇمڻ کي پريان ڏٺو. پر ڪين خبر ڪانہ هئي تہ هيءُ ٻئي ڪير آهن؟ سگريو هنومان کي چوي ٿو: "پيارا! تون منهنجو منتري ۽ تون سچيار! هنن ٻنهي کي وڃي مل ۽ خبر لهي اَچ. هيءُ مون کي مارڻ لاءِ تہ ڪين آيا آهن؟"

اِنهن حالتن هيٺ هنومان شري رام وٽ اچي ٿو. شري رام سانت آهہ. جڏهان ڪر رام سيتا وڃائي آهہ، تڏهين ڪان رام گھڻو وقت سانت ۾ رهي وينو ويچار ڪري: "سيتا ڪٿي ويو راوڻ: مان ڪيئن سيتا کي بچايان؟" اِنهن ويچارن ۾ رام آهي: ۽ لڇمڻ بہ وينو آهي

سانت ۾! هينئر هنومان اچي ٿو ۽ اَچي رام لڇمڻ سان گفتگو ڪري ٿو. هنومان چوي ٿو: "مون کي خبر ناهہ تہ توهين ڪير آهيون؟ اَوهان جي اَکين ۾ عجيب جوت پيئي چمڪي! اوهان جي اَکين ڏي نهاري سمجھي سگھان ٿو تہ اوهين سچيار آهيو. وڌيڪ خبر نہ اَٿم! مان آهيان منتري سگريو راجا جو! سگريو کي سندس ڀاءُ ٻاليءَ گھر مان ڪڍي ڇڏيو آهي."

رام لڇمڻ کي ڪنڌ ۾ وٺي وڃي چوي ٿو: "لڇمڻ! هي راجا جو هڪ منتري آهہ! ڪهڙو نہ مٺو ٿو ڳالهائي! جن راجائن کي اَهڙا منتري ملن، سي راجائون بہ سڀاڳا، لڇمڻ هن جي مونکي مدد کپي. هڪ راڪشس سيتا کي ڪٺي ويو آهي. ڪهڙو راڪسش ۽ ڪٿي ڪٺي ويو آهي؟ سڀ خبر لهڻ لاءِ مون کي مدد کپي. سگريوراجا چڱي مدد ڪري سگھندو. هنومان کي وڃي اَڪيلو مل. ساڻس مٺو ڳالهائج. ڪيس سڀ ٻڌائج ۽ چئج تہ سندن مدد اسان کي کپي." لڇمڻ هنومان وٽ اَچي ٿو ۽ چويس ٿو، "سگريو کي راڄ موٽي ملڻ ۾ شري



اَندر تنهنجي اُٿندو آواز، اَنئِي پهر تون نام اُچار،
اَندر تنهنجي کلندو راز! دل جي تخت تي واسديو وِهار!
اوُنده ٿيندي کِن ۾ دوُر، ڏينهن جو جيئن ڪرين ڪم ڪار،
هر هنڌ چمڪي نوُراني نوُر! نماڻن نيڻن سين اُن ڏي نهار!
اُٿ، جاڳ، اَنجلِي، اَکيان کول، اُٿ، جاڳ، اَنجلِي، اَکيان کول،
سڀ ٿيئي فاني، گوبند ٻول! سڀ ٿيئي فاني، گوبند ٻول!
ڀڄ گوبندم! ڀڄ گوبندم! ڀَڄوري پائِي گوبندم! ڀڄ گوبندم! ڀڄ گوبندم! ڀَڄوري پائِي گوبندم!

مانڪ ديهه آهه دُرلڀ ديهه، اِندريہ ڀوڳ ڪان پاڻ بچاءِ،
سُستيءَ ۾، ڪين سڄڻا! ويهه! من ۾ محبت مچ مچاءِ!
ڪين آهه جنهن پڇاڻيو پاڻ، ڀوڳ مان نيٺ اُٿي تو روڳ،
پيسجي مورک سو منجهه گهاڻ! اُٿي ڪماءِ تون، جوڳِي، جوڳ!
اُٿ، جاڳ، اَنجلِي، اَکيان کول، اُٿ، جاڳ، اَنجلِي، اَکيان کول،
سڀ ٿيئي فاني، گوبند ٻول! سڀ ٿيئي فاني، گوبند ٻول!
ڀڄ گوبندم! ڀڄ گوبندم! ڀَڄوري پائِي گوبندم! ڀڄ گوبندم! ڀڄ گوبندم! ڀَڄوري پائِي گوبندم!

جيوَ ڪي ترشنا پيئِي پٽڪائي، من اِندرين تي پاءِ تون جيت،
ترشنا جو نہ اَنت ڪو آهي! نا ڪو وَيري، نا ڪو ميت!
جِيوُ ويچارو ڪيئن نہ سَهي پيو، گُر چرنن، تون پاڻ اُڇلاءِ،
ڏِکي جِيان ڏس اوُ تہ وَهي پيو! پاڻ گنوائي، پريتم پاءِ!
اُٿ، جاڳ، اَنجلِي، اَکيان کول، اُٿ، جاڳ، اَنجلِي، اَکيان کول،
سڀ ٿيئي فاني، گوبند ٻول! سڀ ٿيئي فاني، گوبند ٻول!
ڀڄ گوبندم! ڀڄ گوبندم! ڀَڄوري پائِي گوبندم! ڀڄ گوبندم! ڀڄ گوبندم! ڀَڄوري پائِي گوبندم!

جُتڻ چاهين، ڪر سنتن سنگ، فنائيءَ جي اَتيئِي هيءَ راهه،
اَندر اُٿار عشق اُمنگ! خودي وڃائي خُدا کي پاءِ!
دِين دکين جي لَهہ تون سار، پنهنجن هٿن سان پاڻ جلاءِ،
ڪرشن کي ڏي تون دل جو پيارا! پدُ نرواني پيارا پاءِ!
اُٿ، جاڳ، اَنجلِي، اَکيان کول، اُٿ، جاڳ، اَنجلِي، اَکيان کول،
سڀ ٿيئي فاني، گوبند ٻول! سڀ ٿيئي فاني، گوبند ٻول!
ڀڄ گوبندم! ڀڄ گوبندم! ڀَڄوري پائِي گوبندم! ڀڄ گوبندم! ڀڄ گوبندم! ڀَڄوري پائِي گوبندم!

ڌن دؤلت نا ڪجھ چاهيان،
ڪمل چرن شل تنهنجا پايان!
دوزخ ۾ جي مون اُڇلائين،
پرواھ ناھ جي مون سان آهين!
اُٿ، جاڳ، اَنجلِي، اَکيان کول،
سپ تيئي فاني، گوبند ڳول!
ڀڄ گوبندم! ڀڄ گوبندم! ڀَڄوري ڀائِي گوبندم!

ڪام ڪروڌ ڪان رھ آزاد،
گرؤ جي ڪرپا سچِي اِمداد!
گرؤ چرنن ۾ سِرُ جهڪاءِ،
لوڀ موھ تي جئہ تون پاءِ!
اُٿ، جاڳ، اَنجلِي، اَکيان کول،
سپ تيئي فاني، گوبند ڳول!
ڀڄ گوبندم! ڀڄ گوبندم! ڀَڄوري ڀائِي گوبندم!

جنهن تي ڪرشن ڪرپا آئي،
اَندر اُن جي ٿِي صفائي!
دوست دشمن ڀيد نہ ڪوئي،
اِڪَ اِڪَ ۾ پيو ڏسي اُهوئِي!
اُٿ، جاڳ، اَنجلِي، اَکيان کول،
سپ تيئي فاني، گوبند ڳول!
ڀڄ گوبندم! ڀڄ گوبندم! ڀَڄوري ڀائِي گوبندم!

اَهنڪار اَتيئِي وڏو ويرِي،
مَنَ کي مار، ڪر نا ديرِي!
ساک نندا ۾ رهِي سمان،
سوئي آهي نرِ اَيمان!
اُٿ، جاڳ، اَنجلِي، اَکيان کول،
سپ تيئي فاني، گوبند ڳول!
ڀڄ گوبندم! ڀڄ گوبندم! ڀَڄوري ڀائِي گوبندم!

پهچڻ چاهِين جي هُنَ پار،
موهن جي جَت مهر اَپار!
دل ۾ تون! سَمدرشٽِي ڌار،
پنهنجي پَرائي کي ڏي تون پيار!
اُٿ، جاڳ، اَنجلِي، اَکيان کول،
سپ تيئي فاني، گوبند ڳول!
ڀڄ گوبندم! ڀڄ گوبندم! ڀَڄوري ڀائِي گوبندم!

آهين ڪير؟ پاڻ پڇاڻ،
ڪينَ رَھ تون اَڄا اَڄاڻ!
اَندر چولي، آتم ٻولي،
پَس تون پيارا! اَندر کولي!
اُٿ، جاڳ، اَنجلِي، اَکيان کول،
سپ تيئي فاني، گوبند ڳول!
ڀڄ گوبندم! ڀڄ گوبندم! ڀَڄوري ڀائِي گوبندم!

وير وِروڌ نہ شڪتي گنواءِ،
نرمل پريم نوَ جيون ٺاھ!
اِڪَ اِڪَ اَڳيان سيِسُ جُهڪاءِ،
اِڪَ اِڪَ جي آسيس تون پاءِ!
اُٿ، جاڳ، اَنجلِي، اَکيان کول،
سپ تيئي فاني، گوبند ڳول!
ڀڄ گوبندم! ڀڄ گوبندم! ڀَڄوري ڀائِي گوبندم!

جيئہ جي اَندر جهاتِي پاءِ،
اَمرت ويلي نہ وقت وِڃاءِ!
اُٿ جاڳ، پيارا! جاڳ سوير،
پُڇ تون پاڻ کان: "آهيان ڪير؟ !
اُٿ، جاڳ، اَنجلِي، اَکيان کول،
سپ تيئي فاني، گوبند ڳول!
ڀڄ گوبندم! ڀڄ گوبندم! ڀَڄوري ڀائِي گوبندم!

سنتن جو تون سنگ ڪماءِ، موهه وڃي، وڃي اَگيان:
رهه دنيا ۾ رک نا چاهه! دوُر ٿئي سڀ شَڪُ گُمان!
مالڪ سين نينهن ناتو جوڙ، چنچل مَنُ ايڪاگر ٿئي:
اَحوال اَندر جو اُن سين اور! سچ ڪنڌ ڏي سو سهج هلي!
اُٺ، جاڳ، اَنجلِي، اَکيان کول، اُٺ، جاڳ، اَنجلِي، اَکيان کول:
سڀ ٿيئي فانِي، گوبند ڳول! سڀ ٿيئي فانِي، گوبند ڳول!
ڀڄ گوبندم! ڀڄ گوبندم! ڀَڄوري ڀائِي گوبندم! ڀڄ گوبندم! ڀڄ گوبندم! ڀَڄوري ڀائِي گوبندم!

ڏينهن پٺيان اَچي پيئي رات، سچ ڪنڌ جي جو پائي پروُڙ،
رات پٺيان اَچي پرڀات! دک درد ڪان رهي سو دوُر!
هِڪ هِڪ کي پيو ڪال سڏي، سچ ڪنڌ آهي اَصلِي ڌام،
ڪين ٿِي ترشنا ڪنهن کي ڇڏي! پهچي سو جو ڌيائي نام!
اُٺ، جاڳ، اَنجلِي، اَکيان کول، اُٺ، جاڳ، اَنجلِي، اَکيان کول،
سڀ ٿيئي فانِي، گوبند ڳول! سڀ ٿيئي فانِي، گوبند ڳول!
ڀڄ گوبندم! ڀڄ گوبندم!ڀَڄوري ڀائِي گوبندم! ڀڄ گوبندم! ڀڄ گوبندم! ڀَڄوري ڀائِي گوبندم!

اِنسانَ ڪوئي آزاد نہ آهي، ٽنهِي لوڪن ۾ هِڪَ ئِي ٻيڙِي،
ترشنا جو اوُ قيدي آهي! گُر ڪرپا جپ، ڪر نا ديرِي!
عالم هجي يا هجي اَمير، سنتن چرنن ويهه ضرورُ،
هِڪُ هِڪُ جڪڙيل منجهه زنجيرا وٺُ خاص خزانو، چرنن ڌوُڙ!
اُٺ، جاڳ، اَنجلِي، اَکيان کول، اُٺ، جاڳ، اَنجلِي، اَکيان کول،
سڀ ٿيئي فانِي، گوبند ڳول! سڀ ٿيئي فانِي، گوبند ڳول!
ڀڄ گوبندم! ڀڄ گوبندم!ڀَڄوري ڀائِي گوبندم! ڀڄ گوبندم! ڀڄ گوبندم! ڀَڄوري ڀائِي گوبندم!

نام گوبند جو وَرِ وَرِ ڳاءِ: پٽرن کي اوُ پار پهچائين،
ترشنا جي تون آگ ٻُجهاءِ! تارڻ هار پيا سي تارن!
سنسار سارو پيو باهه جَلي: سنتن چرنن وٺ تون اوٽ،
سو سياڻو جو حڪم هَلي! چڪر چؤراسِي ڪين تون موٽ!
اُٺ، جاڳ، اَنجلِي، اَکيان کول: اُٺ، جاڳ، اَنجلِي، اَکيان کول،
سڀ ٿيئي فانِي، گوبند ڳول! سڀ ٿيئي فانِي، گوبند ڳول!
ڀڄ گوبندم! ڀڄ گوبندم! ڀَڄوري ڀائِي گوبندم! ڀڄ گوبندم! ڀڄ گوبندم!ڀَڄوري ڀائِي گوبندم!

شهر گهميس، ڏٺم سنسار، پُٽَ، پوٽا، نَر ۽ نار،
هڪ هڪ تي هو ڪام سوار! آهن سڀ دو ڏِن ڪي يار!
نيڻ ڪٽي تون ڪين نهار، ٻِڌو ٿئين يا ٿئين ٻي ڪار،
روپ مڙيوئي مايا ڇار! ڪين لهنڊءِ ڪو تنهنجي سنڀار!
اُٿ، جاڳ، اَنجلِي، اَکيان ڪول: اُٿ، جاڳ، اَنجلِي، اَکيان ڪول،
سڀ ٿيئي فاني، گوبند ڳول! سڀ ٿيئي فاني، گوبند ڳول!
ڀڄ گوبندم! ڀڄ گوبندم! ڀَڄوري ڀائِي گوبندم! ڀڄ گوبندم! ڀڄ گوبندم! ڀَڄوري ڀائِي گوبندم!

بنگلا، ماڙيون، عيش آرام، عمر ساري ويئي اَجائي،
تِن ۾ ناهي سچو وشرام! ڪين ڪئي ڪا تو ڪمائي!
دکي اَتيئي سڀ سنسار، مليو توکي هي سونو سرير،
سوئي سُکي جنهن نام آڌار! ويهي تو ٻوڙيو سو وچ سير!
اُٿ، جاڳ، اَنجلِي، اَکيان ڪول، اُٿ، جاڳ، اَنجلِي، اَکيان ڪول،
سڀ ٿيئي فاني، گوبند ڳول! سڀ ٿيئي فاني، گوبند ڳول!
ڀڄ گوبندم! ڀڄ گوبندم! ڀَڄوري ڀائِي گوبندم! ڀڄ گوبندم! ڀڄ گوبندم! ڀَڄوري ڀائِي گوبندم!

تَتل تَئي تي پاڻِي پوي، چنتا ڪيو آهي چڪنا چُور،
کِن ۾ سو تو ٻاڦ ٿئي! ڪين نهارين نرمل نُور!
تيئَن اَتيئي سڀ سَوادَ، وينو ڪمائين ڪچ ۽ ڪُوڙ،
کِن ڀَنگر آهن، کن برباد! هڪ ڏينهن توکي هلڻو ضرُور!
اُٿ، جاڳ، اَنجلِي، اَکيان ڪول، اُٿ، جاڳ، اَنجلِي، اَکيان ڪول،
سڀ ٿيئي فاني، گوبند ڳول! سڀ ٿيئي فاني، گوبند ڳول!
ڀڄ گوبندم! ڀڄ گوبندم! ڀَڄوري ڀائِي گوبندم! ڀڄ گوبندم! ڀڄ گوبندم! ڀَڄوري ڀائِي گوبندم!

جيسين سرير ۾ آهي سواس، ڪٿان تون آئين؟ آهين ڪير؟،
تيسين آهن داسيون داس! ڪنا ڪرين پيو ڌوڙ جا ڍير!
پندَ مان جڏهن نڪتو پران: هنس پکيئڙو، پاڻ پڇاڻ،
گهرج تنهنجي پوءِ ڪنهن ڪي ڪانه! پاڻ ۾ پيهِي پَس تون پاڻ!
اُٿ، جاڳ، اَنجلِي، اَکيان ڪول: اُٿ، جاڳ، اَنجلِي، اَکيان ڪول،
سڀ ٿيئي فاني، گوبند ڳول! سڀ ٿيئي فاني، گوبند ڳول!
ڀڄ گوبندم! ڀڄ گوبندم! ڀَڄوري ڀائِي گوبندم! ڀڄ گوبندم! ڀڄ گوبندم! ڀَڄوري ڀائِي گوبندم!

سنڌڙي ! اَءِ سنڌڙي ! هِيءَ جان ، هِيءَ جندڙي
ڪريان قُربان قدمن تان ! سنڌڙي! اَءِ سنڌڙي !



شري ساڌو ٽي ايل واسواڻي
هڪ وڏو مهان سنت، مها گياني، شاعر، صوفي، فلاسفر،
تعليم دان، انسانيت ۽ سنڌي سڀيتا جو پرچارڪ
1966 – 1879

# ڀڄ گوبندم !

پُستڪ پَڙها پيو تون پڙهين،
اَکرن ۾ پيو، پيارا! اَڙين!
ڌيان گروءَ جو نه دل ۾ ڌَرِين،
عشق جي چاڙهي ڪين چَڙهين!
اُٿ، جاڳ، اَنجلِي، اَکيان کول،
سڀ ٿيئي فاني، گوبند ڳول!
ڀڄ گوبندم! ڀڄ گوبندم! ڀَڄوري ڀائِي گوبندم!

ڪال اَچي پيو ڪاهي،
هڪ هڪ کي پيو ڪِنَ ۾ ڪائي!
ڇا ٿيو جي تون ٿئين وِدوان،
ملڪن ۾ مِليو توکي مان شان!
اُٿ، جاڳ، اَنجلِي، اَکيان کول،
سڀ ٿيئي فاني، گوبند ڳول!
ڀڄ گوبندم! ڀڄ گوبندم! ڀَڄوري ڀائِي گوبندم!

ڪَتا ڪيا تو لک ڪروڙ،
ڀاڄن ڀنيان ڀائين ڊوڙ!
لوڀ جي ترشنا تيز تکي،
جو سنتوشِي سوئِي سُکِي!
اُٿ، جاڳ، اَنجلِي، اَکيان کول،
سڀ ٿيئي فاني، گوبند ڳول!
ڀڄ گوبندم ! ڀڄ گوبندم! ڀَڄوري ڀائِي گوبندم!

ڀڳهر جو پورهيو ڪري ڪمائي،
جيڪي رڌي، سو ونڊي ورهائي!
سِڪ سِتار تي گوبند ڳائي،
پد نرواني پيارا پائي!
اُٿ، جاڳ، اَنجلِي، اَکيان کول،
سڀ ٿيئي فاني، گوبند ڳول!
ڀڄ گوبندم! ڀڄ گوبندم! ڀَڄوري ڀائِي گوبندم!


ॐ
नमो शिवाय

